Reg No 2677
ABC Certified
ايڈيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي

جلد :11 | خميس 29 ڊسمبر 2022ع بمطابق 05 جمادي الثاني 1444ھ | شمارو 76 | قيمت 10 روپيا

صورتحال ڏکي آهي، ملکي معيشت تي تجربا ڪيا ويا ۽ مان ان جو ذميوار نہ آهيان: اسحاق ڈار

سستي سياست لاءِ ملڪ کي نقصان پهچايو پيو وڃي ۽ مُلڪ جي ڊيفالٽ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن، ماڻهن کي خوف وکوڙي ويو آهي ڪير ڈالر تي ڪير سون خريدي رهيو آهي

پاڪستان جي معاشي معاملا ڏکيا ضرور آهن پر ڪنٽرول ۾ آهن ثابت ڪري سگهان ٿو تہ مُلڪ ڊيفالٽ نہ ڪندو، پي ٽي آءِ حڪومت ايس اي سي تي ڏيان نہ ڏنو

سياسي مقصدن لاءِ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ صحيح ناهي، سنگين مسئلا آهن پر اسان کي ان جو حل ڪڍڻو آهي، اسان کي ڪنهن کي انتقام جو نشانو ناهي بڻائڻو

ملکي معيشت کي ٺيڪ ڪرڻو آهي، ثابت ڪري سگهان ٿو تہ پاڪستان ڊيفالٽ نہ ڪندو ۽ اسان مدد لاءِ پريس ڪلب نہ ويندا سين، اينڊ ڪجھ مهينن ۾ پاڪستان جي پوزيشن واضح ٿي ويندي

مان ملکي مسئلا حل ڪري رهيو آهيان، هي ماضي جو پاڪستان ناهي، مُلڪ چو ڊيفالٽ ڪندو، 2013ع ۾ ٻہ چيو ويو هو تہ پاڪستان ڇهن مهينن اندر ڊيفالٽ ڪري ويندو

معيشت تي تجربا ٿيا ۽ مان ان جو جوابدار نہ آهيان، ڈالرجي پاڙيسري ملڪ اسمگلنگ هڪ وڏو مسئلو آهي، اسان کي ڈالر، ڪڪ ۽ پاڻ جي اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ قدم کڻڻا پوندا

ڪراچي (رپورٽ) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڈار چيو آهي تہ پاڪستان جي معاشي معاملا ڏکيا ضرور آهن پر ڪنٽرول ۾ آهن ثابت ڪري سگهان ٿو تہ مُلڪ ڊيفالٽ نہ ڪندو. ڪراچي ۾ پاڪستان استاڪ ايڪسچينج جي تقريب کي خطاب دوران اسحاق ڈار چيو تہ پي ٽي آءِ حڪومت ايس اي سي تي ڏيان نہ ڏنو سستي سياست لاءِ ملڪ کي نقصان پهچايو پيو وڃي ۽ مُلڪ جي ڊيفالٽ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن، ماڻهن کي خوف وکوڙي ويو آهي، سياسي مقصدن لاءِ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ صحيح ناهي. هن چيو تہ سنگين مسئلا آهن پر اسان کي ان جو حل ڪڍڻو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينہ اجلاس جو پڌرنامو جاري ڪيو ويو آهي: ن ليگ جو صدر محمد شهباز شريف

وفاقي ڪابينہ ملڪ ۾ ٽينڈڙ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي، دهشتگردي خلاف جدوجهد تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڪابينہ ان ازم جو ارادو ظاهر ڪيو تہ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو، دهشتگردي کي جڙ کان ختم ڪيو ويندو

ملڪ ۾ پيٽرول سان هلندڙ موٽر سائيڪلن کي مرحليوار اليڪٽرڪ بائيڪس ۾ تبديل ڪيو ويندو، 22 ڪمپنين کي اليڪٽرڪ بائيڪس تيار ڪرڻ جا لائسنس جاري ڪيا ويا آهن

بجلي جي بچت لاءِ صوبن سميت سمورن اسٽيڪ هولڈرز سان بہ صلاح مشوري جي عمل کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

اسان کي بجلي جي استعمال بابت پنهنجي عادتن ۽ روين کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، سرڪاري آفيسن ۾ بہ گهٽ کان گهٽ بجلي استعمال ڪئي ويندي

اسلام آباد (ر ڀ) وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينہ جي اجلاس ۾ چيو آهي تہ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو. رپورٽ موجب وزيراعظم شهباز شريف صدارت هيٺ وفاقي ڪابينہ اجلاس جو پڌرنامو جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل پڌرنامي موجب وفاقي ڪابينہ ملڪ ۾ ٽينڈڙ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي. دهشتگردي خلاف جدوجهد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

وقت سر چوندن ڪانپوءِ عمران خان جا باقي سهولتڪار بہ نہ رهندا: بلاول ڀٽو زرداري

عمران خان چاهي ٿو تہ آمريت جو دروازو ڪُلي ۽ پردي پٺيان ڳڙ جوڙ ڪري هڪ پيرو وري وزيراعظم بڻجي

اسٽيبلشمينٽ مان سندس سهولتڪار تہ هليا ويا پر ڪنهن ٻئي اداري ۾ شايد سندس سهولتڪار اڃا موجود هجن

پوڙهو معاشي مسئلن ۽ بيروزگاري باوجود عمران خان چاهي ٿو تہ پارليامنٽ پنهنجو مدو پورو نہ ڪري ۽ جمهوري ترقي نہ ٿي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پ پ چيئرمين ۽ پڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جيو آهي تہ وقت سر چوندن سان اڌرن ۾ عمران خان جي سهولتڪار نہ رهندا. لاڙڪاڻي ۾ بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان گهاڻهائيندي چيو تہ عمران خان چاهي ٿو تہ آمريت جو دروازو ڪلي ۽ پردي پٺيان گڳ جوڙ ڪري هڪ پيرو وري وزيراعظم بڻجي. هن عمران خان تي تنقيد ڪندي چيو تہ خان صاحب جو پهريان اهو ضد ۽ سازش هئي تہ استيبلشمينٹ ۽ ويهل سندس سهولتڪارن جي موجودگي دوران جوڙيون ٽين ۽ هو ڪامياب ٿئي. بلاول ڀٽو چيو تہ استيبلشمينٹ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چانڊڪا ٽراما سينٽر جو دورو ڪرڻ کانپو، ميڊيا سان گهاڻهائيندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪسپورٽ زون ۾ فراڊ واري ڪيس ۾ جوابدار مجاهد جي درخواست ضمانت تي فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪسپورٽ زون ۾ ڪروڙن رپين جي فراڊ واري ڪيس ۾ جوابدار مجاهد جي درخواست ضمانت تي فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. وڪيل مولوي اقبال حيدر چيو تہ جوابدار جي خلاف براهہ راست ڪهڙو الزام نہ آهي. جڏهن وڪيل حسان صابر چيو تہ جوابدار مجاهد سميت جوابدارن ملي ڪري نشمير/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مڪاني چوندن ۾ دير لاءِ حڪومت کان قانونسازي جي سفارش

اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (اي سي پي) حڪومت کان مڪاني چوندن ۾ دير لاءِ باظابطا قانونسازي جي سفارش ڪري ڇڏي

اليڪشن ڪميشن پنهنجي خط ۾ حڪومت کان اليڪشن ايڪٽ 2019ع جي شق 219 ۽ آرٽيڪل 140 اي ۾ ترميم جي سفارش ڪئي

قانون ۾ ترميم اهڙي وقت ڪئي وڃي تہ جيئن مدو پورو ٽيڊ ٽي چئن مهينن اندر مڪاني چوندون ٽي سگهن

اسلام آباد (ر ڀ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (اي سي پي) حڪومت کان مڪاني چوندون ۾ دير لاءِ باظابطا قانونسازي جي سفارش ڪري ڇڏي. اليڪشن ڪميشن پنهنجي خط ۾ حڪومت کان اليڪشن ايڪٽ 2019ع جي شق 219 ۽ آرٽيڪل 140 اي ۾ ترميم جي سفارش ڪري ڇڏي. ترميم جي سفارش ڪندي چيو تہ قانون ۾ ترميم ضروري هجي تہ مقامي حڪومتن جو مدو پورو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

جيستائين ملکي سياست ۾ عمران خان جو وجود آهي ويڑهہ ختم نہ ٿيندي: راڻا ثناءَ الله

عمران خان جو بيانيو نتنو ۽ ڏڪيڙ ٿي ٿائر آهي، جيڪو مخالفن سان گڏ ويهي ڳالهيون نٿو ڪري سگهي ۽ جوبہ ٿو تہ مخالفن سان ڳالهيون ڪرڻ کان بهتر آهي تہ مري وڃان

اهڙي صورتحال ۾ معاملا ڪيئن اڳتي وڌي سگهندا، جيستائين ملکي سياست ۾ عمران خان جو وجود آهي ويڑهہ ختم نٿي ٿي سگهي: وفاقي گهرو وزير

ملڪ جي هن صورتحال جو حل چوندون ٿا پر چارٽر آف ڊيموڪريسي آهي، هڪ اهڙو سياستدان پيدا ڪيو ويو جيڪو هاڻي ملڪ جي ڳچيءَ ۾ پٺجي ويو

اسلام آباد (ر ڀ) وفاقي گهرو راڻا ثناءَ الله چيو آهي تہ جيستائين ملکي سياست ۾ عمران خان جو وجود آهي ويڑهہ ختم نٿي ٿي سگهي. نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ گهاڻهائيندي راڻا ثناءَ الله چيو تہ عمران خان جو بيانيو فتنو ۽ ڏڪيڙ ٿي ٿائر آهي. جيڪو مخالفن سان گڏ ويهي ڳالهيون نٿو ڪري سگهي ۽ جوبہ ٿو تہ مخالفن سان ڳالهيون ڪرڻ کان بهتر آهي تہ مري وڃان. اهڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ڊي ايم عمران خان کي اسيمبلي گهرائي معاشي تباهي ۾ پائيوار ڪرڻ چاهي ٿي: شيخ رشيد

13 پارٽيون عمران خان کي زبردستي ڏمڪيون ڏئي اسيمبلي گهرائي معاشي تباهي ۾ پائيوار ڪرڻ چاهين ٿيون

اوپر ۽ اولهہ واري سرحدن تي حالتون خراب ٿي رهيون آهن، ويڑي پڌي رهي هجي تہ استيبلشمينٹ خاموش نٿي رهي سگهي

هي هاڻ پرڏيهي سازش ذريعي اسان مٿان فيصلا مڙهڻ چاهين ٿا. ڪيئر ٽيڪر جي سوچ شروع ٿي وئي آهي: عوامي مسلم ليگ جو سربراهہ

راولپنڈي (ر ڀ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ ۽ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي تہ پي ڊي ايم عمران خان کي زبردستي ڏمڪيون ڏئي اسيمبلي گهرائي معاشي تباهي ۾ پائيوار ڪرڻ چاهين ٿيون. ڪيئر ٽيڪر تي سوچ وچار شروع ٿي ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ سياسي جماعت جو ڪارڪن قتل

واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي رهيو آهي، واقعو فيڊرل بي ايريا جي علاقي حسين آباد بلاڪ 3 ۾ پيش آيو

فائرنگ جي ان واقعي ۾ فهيم عرف باجرا نالي شخص زخمي بہ ٿيو، جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو: ايس ايس پي سينٽرل

مقتول حسين آباد ۾ پنهنجي دوست جي دڪان تي ويٺو هو، اربع جي شام دڪان تي ويٺو هو تہ پنڊ آيل ٻن جوابدارن ڪيس نشانو بڻايو

ڪراچي (ر ڀ) ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو. پوليس جي شروعاتي آهي، واقعو فيڊرل بي ايريا جي علاقي حسين آباد بلاڪ 3 ۾ پيش آيو. مارجي ويل شخص جي حوالي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نڪون ديرو: پ پ ايم پي اي فريال تالپر شهيدمحترمہ بينظير پٽو جي مزار تي حاضري پريندي

پاڪستان انفارميشن سينٽر ياران ڪراچي پريس ڪلب ۾ برنس ۽ اقتصاديات جي رپورٽنگ بابت ٻن ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ جي پاڪستان انفارميشن سينٽر پروجيڪٽ تحت برنس ۽ اقتصاديات جي رپورٽنگ بابت ٻن ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. ٻن ڏينهن واري ورڪشاپ دوران سنڌ صوبي خاص ڪري ڪراچي سان تعلق رکندڙ مختلف اخبارن، ٽي وي چينلز ۽ ويب سائيٽس جي صحافين کي "برنس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سپريم ڪورٽ جو سنڌ جي سمورن سرڪاري ڪاتن اندر معذور ڪوٽا تي پرتي ڪرڻ جو حڪم

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ سنڌ جي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ معذور ماڻهن کي ڪوٽا تي نوڪرين نہ ڏيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

سمورن ڪاتن ۾ معذور ماڻهن جي پرتين وارو عمل ٻن هفتن ۾ شروع ڪيو وڃي، جن ڪاتن ۾ جايون خالي آهن اُنهن ۾ پرتيون ڪيون ويندیون

خاص ماڻهن جي ڪوٽا تي سنڌ حڪومت ڪجهہ حد تائين عملدرآمد ڪيو آهي: ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل

ڪراچي (ر ڀ) سپريم ڪورٽ صوبائي حڪومت کي چئن مهينن اندر معذورن جي ڪوٽا تي پرتي مڪمل ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ سنڌ جي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ معذور ماڻهن کي ڪوٽا تي نوڪرين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بهترين حڪومت کي گهر پيٽرو ڪري جوڪرن کي اقتدار ڏئي اسٽيبلشمينٹ غلطي ڪئي: فواد چوڌري

عمران خان جي حڪومت کيرائي اڀائي سالن لاءِ ٽيڪنوڪريٽ حڪومت ٺاهڻ واري ڳالهہ مذاق آهي: اڳوڻو وفاقي وزير

حڪومت نٿي هلي تہ اوهان آمريڪا مان امپورٽڈ ٽيڪنوڪريٽ آڻيندئو، غير چونڊيل ماڻهو آمريڪا مان درآمد ڪرڻ سان مسئلا حل نہ ٿيندا

ملڪ جي مسئلن جو حل چونڊون آهن، افغانستان جي صورتحال خراب ٿيندي تہ پاڪستان متاثر ٿيندو، اسان هر وقت نڪا وڙهي سگهون

اسلام آباد (ر ڀ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري جو چوڻ آهي تہ بهترين حڪومت کي گهر پيٽرو ڪري جوڪرن کي اقتدار ڏئي اسٽيبلشمينٹ غلطي ڪئي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فواد چوڌري چيو تہ عمران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ جسٽس جمال الدين مندوخيل تي ٻڌل بہ رکني ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ جسٽس جمال الدين مندوخيل ۽ جسٽس حسن اظهر رضوي تي ٻڌل بہ رکني بنچ سنڌ ۾ سمورن ڪاتن اندر معذورن کي چئن مهينن ۾ پرتي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت ۾ سنڌ جي سرڪاري ڪاتن ۾ معذور ماڻهن کي ڪوٽا تي نوڪري ڏيڻ جي حوالي سان هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي خلاف اپيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينہ اجلاس جو پڌرنامو جاري ڪيو ويو آهي: ن ليگ جو صدر محمد شهباز شريف

وفاقي ڪابينہ ملڪ ۾ ٽينڈڙ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي، دهشتگردي خلاف جدوجهد تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڪابينہ ان ازم جو ارادو ظاهر ڪيو تہ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو، دهشتگردي کي جڙ کان ختم ڪيو ويندو

ملڪ ۾ پيٽرول سان هلندڙ موٽر سائيڪلن کي مرحليوار اليڪٽرڪ بائيڪس ۾ تبديل ڪيو ويندو، 22 ڪمپنين کي اليڪٽرڪ بائيڪس تيار ڪرڻ جا لائسنس جاري ڪيا ويا آهن

بجلي جي بچت لاءِ صوبن سميت سمورن اسٽيڪ هولڈرز سان بہ صلاح مشوري جي عمل کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

اسان کي بجلي جي استعمال بابت پنهنجي عادتن ۽ روين کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، سرڪاري آفيسن ۾ بہ گهٽ کان گهٽ بجلي استعمال ڪئي ويندي

اسلام آباد (ر ڀ) وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينہ جي اجلاس ۾ چيو آهي تہ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو. رپورٽ موجب وزيراعظم شهباز شريف صدارت هيٺ وفاقي ڪابينہ اجلاس جو پڌرنامو جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل پڌرنامي موجب وفاقي ڪابينہ ملڪ ۾ ٽينڈڙ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي. دهشتگردي خلاف جدوجهد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪور ڪمانڈرز ڪانفرنس ۾ عوام جي خواهش موجب دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪرڻ جو عزم

254هين ڪور ڪمانڈرز ڪانفرنس 27 ۽ 28 ڊسمبر تي جي ايڇ ڪيو ۾ ٿي: آءِ ايس پي آر

ڪور ڪمانڈرز ڪانفرنس ۾ فوج جي پيشيوراٹن ۽ تنظيمي معاملن جو گڏيل جائزو ورتو ويو

دهشتگردن خلاف بنا فرق جي وڙهڻ ۽ دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪرڻ جو عزم ڪيو ويو

راولپنڈي (ر ڀ) ڪور ڪمانڈرز ڪانفرنس عوام جي خواهش موجب دهشتگردن خلاف بنا فرق وڙهڻ جو عزم ڪيو آهي. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري ادارياٹ آءِ ايس پي آر موجب 254هين ڪور ڪمانڈرز ڪانفرنس 27 ۽ 28 ڊسمبر تي جي ايڇ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان احسان فراموش آهي، جنهن کي اَبو سمجهندو هو اُن کي ئي گهٽ وڌ ڳالهائي پيو: شرجيل ميمڻ

اڄ ملڪي معاشي تباهي ڏسيار عمران خان خان آهي نالاهل ۽ جاهل شخص کي اقتدار ڏئي ملڪ کي ڏاڪو تي لڳايو ويو، اسيمبلي ميمبرن جي خريد ۽ وڪروڪي تي آءِ ۽ عمران خان کئي

سيني پٽو تہ ليڪ ٽيبل آڊيٽر ۾ عمران خان سيمبرن کي خريدڻ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهي، هن ٽوسڪا خان جا فائلين ۽ گهڻائين وزارت اعظمي دوران سائين ٽن سالن ۾ سنڌ کي ڪروڙ گرام ڏنو ڏهڻي تي ٻڌائي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سڏ سماءُ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ عمران خان احسان فراموش آهي جنهن کي ڏيڍي سمجهندو هو اڄ ان کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: ڊپٽي اسپيڪر زاهد اڪرم درائي سان آڳوٺر چيف جسٽس افتخار چوڌري تعزيت ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ مبينا جعلي مقابلي ۾ نوجوان نادر مگسي جي قتل ڪيس ۾ هڪ واقعي جي خلاف ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ مبينا جعلي مقابلي ۾ نوجوان نادر مگسي جي قتل ڪيس ۾ هڪ واقعي جي خلاف ٻڌڻي ٿي. ڪيس داخل ڪرڻ تي پوليس اهلڪارن جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. عدالت ڪيس جو جالان جمع ڪرڻ جو حڪم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مڪاني چوندون نہ ڪرائڻ توهين عدالت جي زمري ۾ اچي ٿو: هاءِ ڪورٽ

جسٽس محسن اختر ڪياني جي سربراهي ۾ هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ اسلام آباد ۾ مڪاني چوندون 31 ڊسمبر تي ڪرائڻ جي پي ٽي آءِ جي اپيل تي ٻڌڻي ڪئي

مڪاني چوندون ملتوي ڪري چڌيون آهن يونين ڪائونسل جو الاڪ وڌائڻ سان چوندون ملتوي ڪيون ويون، اليڪشن ڪميشن چوندون ڪرائڻ ۾ دلچسپي نٿي رکي

چا وفاقي حڪومت پهريان ستل هئي، اسان چو نہ ايڊمنسٽريٽر جي پاور کي ئي معطل ڪري چڌيون، ايڊمنسٽريٽر صرف مڪاني ڪاتن جا فنڊ استعمال ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (ر ڀ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج ريمارڪس ڏنا آهن تہ اسلام آباد ۾ مڪاني چوندون نہ ڪرائڻ توهين عدالت جي زمري ۾ اچي ٿي. جسٽس محسن اختر ڪياني جي سربراهي ۾ هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ اسلام آباد ۾ مڪاني/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ اربين رپين جا گهپلا: جاچ شروع

نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ رپين جي بي گهرپين جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

نيب ڪراچي جي اختيارين آبپاشي ڪاتي جي سيڪريٽري کان خط لکي رڪارڊ گهري ورتو آهي

نيب جي خط باوجود آبپاشي ڪاتي طرفان نيب کي ايجا تائين کوبہ رڪارڊ نہ ڏنو ويو آهي: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ رپين جي بي گهرپين جي جاچ شروع ڪري ڇڏي. نيب ڪراچي جي اختيارين آبپاشي ڪاتي جي سيڪريٽري کان خط لکي رڪارڊ گهري ورتو آهي. نيب پنهنجي خط/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان سان آئي جي پنجاب عامر ذوالفقار ملاقات ڪندي

آمريڪا ۾ تاريخ جو بدترين برفاني طوفان، فوتين جو انگ 70 ٿي ويو

ڪراچي (ر ڀ) آمريڪا ۾ ڏينهن هوائن ۽ سخت برف باري سبب زندگي مفلوج ٿي وئي آهي ڏاڪهن تہ مختلف حادثن دوران فوتين جو انگ 70 ٿي ويو آهي. پڙهيل خابرو اداري موجب آمريڪا ۾ تاريخ جي بدترين طوفان سبب فوتين جو انگ 70 ٿي ويو آهي. نيويارڪ رياست جي اري ۽ نياگرا ڪائونٽيز ۾ 34 فوتگين رپورٽ ٿيون آهن. آمريڪي اختيارين طرفان بفلو واسين کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ملڪ جي بهتري ۽ پالڪي لاءِ سموريون پارٽيون پارليامنٹ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪن: راجا پرويز اشرف

سياست سيني جي حق آهي پر عوامي مفاد سڀ کان اهم آهي تنهنڪري عوامي مفاد تي ڪوبہ ناهہ نٿو ٿي سگهي

پي ٽي آءِ جي چيف وهپ گذريل ڏينهن مون سان ملاقات لاءِ رابطو ڪيو هو، مون اڄ اسيمبلي آفيس پچي پاڻ عامر ڊوگر سان رابطو ڪيو

عامر ڊوگر پڌايو تہ پي ٽي آءِ جا ڪجهہ ماڻهو استعيفيٰ واري معاملي تي ملاقات ڪرڻ چاهين ٿا: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر

اسلام آباد (ر ڀ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف چيو آهي تہ پي ٽي آءِ جي چيف وهپ عامر ڊوگر اڄ ملاقات لاءِ نہ آيو ۽ هن هائي سياسي ملاقات جو چيو آهي. پارليامنٹ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي راجا پرويز اشرف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ملڪ ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي، ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا: ڪائرا

عمران خان آمريڪا ۽ سعودي عرب سان لاڳاپا خراب ڪيا جڏهن تہ آمريڪا جا اسان سان سڌا لاڳاپا ناهن پر اسان ان آڏو نہ جُهڪنداسين

اليڪشن ڪرائڻ، قانون ۽ آئين ناهڻ سان جمهوريت اچي ويندي آهي؟ ادارا ۽ عمارتون ڊاڻ سان جمهوريت ناهي اينديء: وزيراعظم جو صلاحڪار

ملڪ ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي تنهنڪري ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا، پاڪستان جي آمدني نو هزار ارب ۽ خرچ 14 هزار ارب آهي

سکر (رپورٽر) وزيراعظم جي ڪشمير معاملن بابت صلاحڪار قمر زمان ڪائرا چيو آهي تہ عمران خان آمريڪا ۽ سعودي عرب سان لاڳاپا خراب ڪيا جڏهن تہ آمريڪا جا اسان سان سڌا لاڳاپا ناهن پر اسان ان آڏو نہ جُهڪنداسين. سکر ۾ هڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سکر: وزيراعظم جي ڪشمير معاملن بابت صلاحڪار قمر زمان ڪائرا پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ٽي آءِ اسلام آباد ۾ مڪاني چوندون ملتوي ڪرڻ جو فيصلو چئلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (ر ڀ) پاڪستان تحريڪ انصاف اسلام آباد ۾ مڪاني چوندون ملتوي ڪرڻ تي اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. ميڊيا ذريعن موجب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اسلام آباد جون مڪاني چوندون ملتوي ڪرڻ جي معاملي تي پاڪستان تحريڪ انصاف اليڪشن ڪميشن جو فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ترڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ اربين رپين جي ڪرپشن: نيب جاچ شروع ڪري ڇڏي

آبپاشي جي سيڪريٽري کان رڪارڊ پڌ طلب ڪري ورتو آهي، ترڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ ڪيتري رقم خرچ ٿي

هن کر جا بل ڪنهن پاس ڪيا، رقم ڪڍن ۽ ڪيتري جاري ٿي، ٽينڈر جا سمورا تفصيل ڏنا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ روپين جي ڪرپشن جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. نيب اختيارين ان سلسلي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: پوليس جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل

هڪ پوليس اهلڪار زخمي عامر جي ڪيسن جي تلاشي وٺي رهيو آهي

جڏهن ٻئيان ٻيئل اهلڪار زخمي عامر مٿان پستول سڌو ڪيون ٻينو آهي

ڪراچي (ر ڀ) ڪراچي جي علاقي گلستان جوهر ۾ اشاري تي نہ ٻيهندڙ موٽر سائيڪل سوار نوجوان کي پوليس اهلڪارن پاران پيچو ڪرڻ ڪانپو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عمران خان بلاول زرداري جي اعصاب تي سوار آهي: محمد علي سيف

بينظير ڀٽو خلاف سياست ڪئي، اڄ زرداري جو پٽ ساٿس گڏ ويٺو آهي: ترجمان ڪي پي ڪي

عمران خان تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ بلاول کي سنڌ جي حالت تي بہ ڏيان ڏيڻ گهرجي

پشاور (ر ڀ) خيبرپختونخواهہ حڪومت جي ترجمان بئريسٹر محمد علي سيف جو چوڻ آهي تہ عمران خان بلاول زرداري جي اعصاب تي سوار آهي. پشاور ۾ ميڊيا سان جاري ڪيل بيان ذريعي خيبرپختونخواهہ حڪومت جي ترجمان محمد علي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پشاور: خيبرپختونخواهہ حڪومت جو ترجمان بئريسٹر محمد علي سيف پريس ڪانفرنس ڪندي

ملڪ ۾ سون جو اڳهہ تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو

في تولي سون جي قيمت ۾ سئو روپيا واڌ ٿي آهي، قيمت هڪ لک 82 هزار 800 روپيا ٿي وئي

عالمي بازار ۾ سون جي قيمت ۾ ست ڊالرلاڌ آئي آهي ۽ ان نئين قيمت 1803 ڊالر في اونس آهي

ڪراچي (ر ڀ) ملڪ ۾ سون جو اڳهہ تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ترڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ اربين رپين جي ڪرپشن: نيب جاچ شروع ڪري ڇڏي

رقم ڪڍن ۽ ڪيتري جاري ٿي، ٽينڈر جا سمورا تفصيل ڏنا وڃن، ترڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ ڪيتري رقم خرچ ٿي

نيب پاران جاچ شروع ڪرڻ باوجود آبپاشي ڪاتي طرفان اڃان تائين کوبہ رڪارڊ ناهي ڏنو ويو

ڪراچي (ر ڀ) نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ روپين جي ڪرپشن جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. نيب اختيارين ان سلسلي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جسقم ٽنڊو محمد خان طرفان پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

پرويز پناھ ۾ بلڙي پوليس اٽالا ساڻ ڪري پڇا برادري جي گھرن تي چڑھائي خلاف احتجاج

ڪارڪنن زاھد جسڪاڻي اصغر نوناري ايوب ڪوريجو مختيار خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاھرو ڪيو

الھڏنو پنھور پرويز پناھ سميت جيڪي ملوٽ آھن انھن تي ايف آئي آر داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

ٽنڈو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٽنڈو محمد خان طرفان ٽنڊو محمد خان: جسقم اڳواڻ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽئين ڏينهن به جواز پوليس پرويز پناھ جي چرچ تي پرويز پناھ ۾ بلڙي پوليس اٽالا ساڻ ڪري پڇا برادري جي گھرن تي چڑھائي ڪرڻ واري عمل خلاف/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 01

نادرا چيئرمين پاران لھر

ڪالوني پرسان نادرا رجسٽريشن سينٽر جو افتتاح

لاڙڪاڻو(رپورٽ) نادرا چيئرمين محمد طارق ملڪ لاڙڪاڻي پھچي شھر جي لھر ڪالوني پرسان نادرا رجسٽريشن سينٽر جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊي جي نادرا سڪر احتشام شاهد. ڊپٽي آپريشن مئنيجر غلام مصطفي پنھور. ڊپٽي ڊائريڪٽر ايدمن ڪيپٽن رٽائرڊ رضا علي. اسسٹنٽ ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو زون نبي بخش. اسسٹنٽ/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 03

خانپورمھر ويجھو ڪوٽ موالي خان شر ۾ پوليس ۽ شر برادري ۾ جھيڙي وارو معاملو

پوليس جو ڪوٽ تي ڪڙو، ھڪ ڇڪو گرفتار، چوري ۽ پوليس مٿان حملي جا 2 ڪيس داخل

محمد جعفر مگسي مگنھار جي فرياد تي شر برادري جي 28 ڇڻن خلاف پوليس ني حملي جو ڪيس داخل ٿيو

خانپورمھر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمھر ويجھو ڪوٽ موالي خان شر ۾ پوليس ۽ شر برادري ۾ جھيڙي وارو معاملو. پوليس جو ڪوٽ تي ڪڙو، ھڪ ڇڪو گرفتار، چوري ۽ پوليس مٿان حملي جا شر برادري جي 32 ڇڻن مٿان به ڏار ڏار ڪيس داخل./بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڈو محمد خان جي ڪوٽ علي خان مگسي رھواسين پاران ٻاڦرن خلاف احتجاج

ڪوٽ علي خان مگسي رھواسين علاقي جي ٻاڦر جي ڊنل ڏمڪين خلاف مظاھرو ڪيو

ٻاڦر اصغر مگسي جون ڪوئلن سان ھر روز ڏيادتيون وڌي ويون آھن:مظاھرين جون دانھون

ٽنڈو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڈو محمد خان جي ڪوٽ علي خان مگسي رھواسين پاران علاقي جي ٻاڦر جي ڊنل ڏمڪين ۾ حراسان ڪرن خلاف پريس ڪلب اڏو احتجاج تعريباڪي خبر موجب تعلقي بلڙي شاھ ڪريم جي/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڈو محمد خان: ڪوٽ علي خان مگسي جا رھواسي ٻاڦرن خلاف پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالھائي رھيا آھن

سجاول ۾ مھيشوري برادري پاران ڪراچي ماڻ 13 سالا نينگري اغوا ٿيڻ خلاف احتجاج

ابو مھيشوري، ميگھو ماروڙي، سومار مھيشوري، ڪانيو مھيشوري جي اڳواڻي ۾ مظاھرو ڪيو ويو

13 سالا نابالغ نينگري رميلا عرف سونو مھيشوري کي ارشد صالح محمد اغوا ڪري ويو آھي: الزام

سجاول (ڊ) سجاول ۾ مھيشوري برادري پاران ڪراچي ۾ 13سالا نينگري اغوا ٿيڻ خلاف احتجاج، سجاول جي مھيشوري برادرين پاران ابو مھيشوري. /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 06

پوليو جي خاتمي واري مھر ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون وڃن: ياسر پٽي

گڏيل مھم جي تجربن مان سکيو وڃي ۽ ايندڙ مھم تي وڌيڪ ڏيان ڏنو وڃي

مھم دوران ضلعي جي 154082 ھارن کي پوليو جا قطرا پياريا ويندا: فوڪل پرسن

ٽنڈو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڈو محمد خان ياسر پٽي جيو آهي ته 23 جنوري 2022 کان شروع ٿيندڙ پوليو جي خاتمي واري مھر ۾ پاڻ اربن واري جذبي تحت خدمتون سرانجام ڏنيون وڃن ته جيئن /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 08

فورم سمورين ھولين جي فروغ ۽ ترقي ۽ جي لاءِ ڪم ڪري رھيو آھي: اعجاز ممتائي

سنڌي زبان ۽ ادب کي نه صرف پاڪستان بلڪ عالمي سطح تي ان جي پذيرائي ڪرائڻي آھي

ڪاپيئ الڳ ناھي ويندي انڪري سرگرم سنڌي اديبن شاعرن ۽ جاکوڙي محققن کي دعوت ٿي ڏجي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) انٽرنيشنل رائٽرز فورم پاڪستان صوبه سنڌ جي صدر اعجاز ممتائي فورم جي صوبائي ڪابينه تشڪيل ڏني آهي/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 10

نوشهرو فيروز: انٽرنيشنل رائٽرز فورم پاڪستان صوبه سنڌ لاءِ سال 2023 جي ڪابينه جو اعلان ڪيو ويو

شيخ اياز سنڌ سميت سموري انسانذات جو طرفدار شاعر ۽ ڏاھو ذات ڏٺي آھي:مقرر

25 ھين ورسي جي ڪوٺايل تقريب ۾ سنڌ جي ناليواري پاڻي ماھر ۽ ٻين پاران شرڪت

احمد خان خشڪ،مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر مارو خشڪ، ايڊووڪيٽ راڻي پٽو پاران پيٽا پيش

شٽو (رپورٽر) شيخ ايياز سنڌ سميت سموري انسانذات جو طرفدار شاعر ۽ ڏاھو ذات ڏٺي آھي سندس شاعري ۽ نثر ۾ مظلوم ۽ محڪوم قومن ۽ ماڻھن جي لاءِ گس ڏيندڙ آھن اھڙين گالھين مڪلي پريس ڪلب ۾ سنڌي ادبي سنگت/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 12

پرياروڊ جي جعفرآباد محلي جي رھواسي پورھيت پاران احتجاجي مظاھرو

الياس وسڙو سوئي گئس انتظاميا خلاف پرياسٽي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪيو

مان موٽرسائيڪل ٽي ٽانو ڪپائي پورھيو ڪندو آھيان، نوٽيس ورتو وڃي: الياس وسڙو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياروڊ جي جعفرآباد محلي جي رھواسي پورھيت الياس وسڙو سوئي گئس انتظاميا خلاف پرياسٽي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي ٻڌايو ته 5 مھينا اڳ منھنجي گھر جي سوئي گئس بل ۾ 10 ھزار روپيا ڊڊڪشن ھنئي وئي آھي جيڪا سراسر زيادتي آھي ھن ٻڌايو ته مان موٽرسائيڪل ٽي ٽانو ڪپائي پورھيو ڪندو آھيان غريب آھيان آفيسن جا چڪر لڳائي ٽڪجي پيو آھيان ڪوبه ٻڌڻ لاءِ تيار ناھي ھڻ ٻڌايو ته 8 مھينا اڳ به مان 38 ھزار پري چڪر آھيان ھاڻي ري گئس انتظاميا ڊڊڪشن ھنئي آھي ھن وزيراعلي سنڌ محتسب اعلي سنڌ ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو آھي ته معاملي /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 14



ماتلي ۾ مدرسي ٻيت السلام ۾ رھندڙ نيو مسلم قرآن جي حافظن کي ٻيدخل ڪرڻ خلاف احتجاج

حافظن کان گھر خالي ڪرائڻ تان مدرسي انتظاميا خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي آڏو احتجاج ڪيو

محمد رمضان شيخ .فيض محمد شيخ حافظ علي احمد شيخ احمد شيخ محمد عمر مظاھرو ڪيو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ماتلي ۾ مدرسہ ٻيت السلام ۾ ڪجھ عرصو اڳ ٽيندڙ نيومسلم خاندانن سان نا انصافي ۽ ڪوتاھن ۾ رھندڙنيومسلم قرآن جي حافظن کان گھر خالي ڪرائڻ تان مدرسي انتظاميا خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاجي مظاھرو ڪيو ويو ميڊيا سان گالھائيندي محمد رمضان شيخ .فيض محمد شيخ حافظ علي احمد شيخ احمد شيخ محمد عمرشيخ ۽ ٻين نيومسلم خاندانن ميڊيا اڳيان ڏانھنجي چيو ته مدرسہ ٻيت السلام انتظاميہ اسان جي چوڪرن کي حافظ قرآن ٽيڻ تي /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڈو غلام حيدر جي مختلف ڳوٺن ۾ چوپائي مال کي ويڪسين ڪرائي وئي

ڳوٺ عرس پنھور: بلاول پنھور: سميت ٻين پاڙن محلن ۽ پسگردائي ۾ ٽڪا لڳايا ويا

سوين مسڪين مالوندن کي نقصان ٽيڻ کان بچاڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آھن: ڊپٽي ڊائريڪٽر

ٽنڈو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڈو غلام حيدر جي مختلف ڳوٺن ۾ چوپائي مال ۾ ڦھلجندڙ بيمارين جا بچاءَ خاطر ٽڪاءَ لڳايا ويا ٽنڈو غلام حيدر جي ڳوٺ عرس پنھور: بلاول پنھور: سميت ٻين پاڙن محلن ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 17

ڏاڏو ۾ قومي ۽ مزاحمتي راڳي سرمد سنڌي جي 26 ورسي تقريب، ساڃاھ وندن پاران ٻيٽا

تقريب ڏاڏو پريس ڪلب ۾ سرمد سنڌي يادگار ڪاميٽي پاران عقيدت ۽ احترام سان ملھائي وئي

ڏاڏو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)ڏاڏو ۾ سنڌ جي قومي ۽ مزاحمتي راڳي سرمد سنڌي جي 26 ورسي تقريب ڏاڏو پريس ڪلب ۾ سرمد سنڌي يادگار ڪاميٽي پاران عقيدت ۽ احترام سان ملھائي وئي پريس ڪلب ڏاڏو جي ڪانفرنس هال ۾ ورسي تقريب کي سنڌ جي ناليوارن صحافين، اديبن، شاعرن ۽ سول سوسائيٽي جي ماڻھن سنڌس زندگي کي لفظن جي پيٽا پيش ڪئي، ان موقعي تي ڏاڏو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ. /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 20

ڏاڏو: قومي ۽ مزاحمتي راڳي سرمد سنڌي جي 26 ورسي تقريب منعقد

ڏڙو ۾ مھانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، اٽو 140 روپيا مھانگو ٿي ويو

شھر ۾ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ مھانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آھن

140 روپيا واڌ ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين ۾ ڪاتي ٽوڙ واڌ خلاف پورھيتن پاران احتجاج

تاريخ جي بدترين مھانگائي ڪري عوام جي وات مان ماني جو گراھ ۾ کسي ورتو آھي:مطالبو

ڏڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ مھانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. اٽو 140روپيا مھانگو ٿيڻ خلاف غريب پورھيت روڊ تي نڪري آيا. احتجاج. نعريبازي. ڏرڻ. تفصيل مرتب ڏڙو شھر ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ مھانگائي /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 22

برسات ٻوڏ متاثر فنڪارن جي

مالي سھائتا لاءِ سڪر جي ڪچرل

ھال ۾ پروگرام ختم

سڪر(رپورٽ) برسات ٻوڏ متاثر فنڪارن جي مالي سھائتا لاءِ سڪر جي ڪچرل ھال ۾ ڪرايل ٽن ڏينھن وار جيڙڻي پروگرام پڄاڻي تي پھتو سنڌ جي نالبوارن فنڪارن شمن ميرالي ممتاز مولائي غلام حسين عمراڻي ضامن علي سمون جونيئر علڻ فقيربرڪت علي پٽ اعجاز پرڙو. عمران ڪامران جمالي مارل گروپ نائلا بابوجلال/ بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 23

ڏڙو: وڏندڙ مھانگائي خلاف شھري احتجاج ڪري رھيا آھن

خانپورمھر ۾ سستو اٽو نه ملڻ خلاف شھرين ۽ پورھيتن جو احتجاجي مظاھرو

راجا فلور مل انتظاميہ پاران سستو اٽو نه ڏيڻ خلاف شھرين ۽ پورھيتن مظاھرو ڪيو

جلال سيال. ھاشم گڏاڻي. مل انتظاميہ ۽مختيارڪار خانڪڙھ خلاف نعريبازي ڪئي

خانپورمھر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمھر ۾ سستو اٽو نه ملڻ خلاف شھرين ۽ پورھيتن جو مل جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاھرو. خبرموجب خانپورمھر ۾ راجا فلور مل انتظاميہ پاران سستو اٽو نه ڏيڻ خلاف شھرين ۽ پورھيتن عبدالمجيد لنڊ. جلال سيال. ھاشم گڏاڻي ۽ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو مل انتظاميہ ۽مختيارڪار خانڪڙھ خلاف نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي ۾ طلاق يافته ناري پاران اڳوڻي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاھرو

پنجاب جي طلاق يافته صائمہ مغل پنھنجي تن ٻارن سميت ڪراچي پھچي احتجاج ڪيو

مون کي اڳوڻي مڙس محمد امين طلاق ڏيئي تن معصوم ٻارن سميت گھران ڪڍي ڇڏيو:ناري

جان کان مارڻ، ڪارو ڪاري ڪرڻ، ٻار قرڻ، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رھيا آھن

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر) چينوٽ پنجاب جي طلاق يافته صائمہ مغل پنھنجي تن ٻارن سميت ڪراچي پھچي راشد علي مغل سان ڪورٽ ۾ پرٽل ڪري ڇڏيو. اڳوڻي مڙس ۽ والدين پاران ٽمڪيون ملڻ خلاف صائمہ مغل پنھنجي تن ٻارن ۽ مڙس راشد علي مغل سميت صحافين وٽ پھچي داھيندي ٻڌايو ته مون کي پنھنجي اڳوڻي مڙس محمد امين طلاق ڏيئي تن معصوم ٻارن/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 25

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال

احمد ميمڻ ھڪ ڏينھن جي دوري

تي بدين پھتو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ ھڪ ڏينھن جي دوري تي بدين پھتو انھي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاھنواز خان ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد کي ڊي سي آفيس متعلق مڪمل بريفنگ ڏني جنھن ۾ ڪمپيٽرائز ڊوميسائل برانچ آرمر لائسنس برانچ سميت برسات ۽ ٻوڏ سبب ٽيل نقصان جو/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي: ڪڏاپ جي طلاق يافته ناري پاران سان گڏ اڳوڻي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رھي آھن

سيتا روڊ لڳ رحماني ڊنڊ ڪناري ٻڌل ستن ڳوٺن مان پاڻي نيڪال نه ٿيو، احتجاج

ملان خميسو رحماني، ڳوٺ جمال الدين جانوري ڳوٺ خيرمحمد بالادي متاثر ٿيا آھن

باول شاھ سميت رحماني قبرستان مان بيئل برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ مظاھرو

ٻڌل ستن ڳوٺن ۽ رحماني قبرستان مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي:مظاھرين

داڏو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا روڊ لڳ رحماني ڊنڊ ڪناري ٻڌل ستن ڳوٺن ملان خميسو رحماني، ڳوٺ جمال الدين جانوري ڳوٺ خيرمحمد بالادي ڳوٺ ملاحن جي مياڻي ڳوٺ شبير آباد جتا ڳوٺ حمزو خان ڪولاچي ڳوٺ ڏوگر باول شاھ سميت رحماني قبرستان مان بيئل برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ سيتاسرحٹھارفورم ۽ ڳوٺاٽن پاران ھلندڙ جدوجھد /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڈوباگو ۾ نامياري محقق، اديب ۽ صحافي عثمان راھوڪڙو جي پھرين ورسي ٿي گذري

عثمان جي زندگي تي ڪتاب سھيڙڻ ڪپي، عثمان محقق طور ڪردار تاريخ ۾ زنده رھندو: مشتاق قل

سندس ڪتاب سنڌو ۽ ھاڪڙو جا وھڪرا ۾ درياھ کي بچائڻ جون دانھون وقتائتيون ھيون: فتح محمد شھزاد

زاھد گل جمالي فقير لکاڻو جت ۽ ٻين خطاب ڪيو سانول گل جمالي آغا ظفر ۽ ڏاڙھون ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽنڈوباگو(رپورٽ:سھيل سمون) نامياري محقق، اديب ۽ صحافي عثمان راھوڪڙو جي پھرين ورسي ٿي ڪنري جنھن کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق قل/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 28

سڪر ۾ سنڌ هاري ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن پاران پاڻ جي بليڪ ٽي وڪري خلاف احتجاج

سڪر(ٻيورورپورٽ) سڪر ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن پاران زرعي پاڻ جي بيلڪ ٽي وڪرو ڪرڻ خلاف لوڪس پارڪ ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي شھر جي مختلف رستن تان ٽيندي پريس ڪلب ٽي جلسو ڪري اڳواڻن خطاب ڪيو. مظاھرو ڪندڙن پريس ڪلب اڳيان سخت نعريبازي ڪئي. سنڌ هاري ڪاميٽي/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڈوباگو: اديب ۽ صحافي عثمان راھوڪڙو جي پھرين ورسي جي مناسبت سان تقريب منعقد

ڪراچي گلزار هجري اسڪيم 33 جي 47 سيڪٽر ۾ سرڪاري زمين مٿان قبضا

پوليس جي مدد سان بند ڪرائڻ بعد لينڊ مافيا جي ماڻھن ۽ ساٿارين ۾ ٽرٽلو مچي ويو

بااثر پاران صحافين کي حراسان ڪرڻ ادارن مان نيڪالي ڊيارڻ لاءِ سازشون شروع ڪيو ويون

لينڊ مافيا خلاف اڃا تائين کا به اثرائتي ڪارروائي ناھي ڪئي وئي آھي:ساڃاھ وندن جون ڳالھيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گلزار هجري اسڪيم 33 جي 47 سيڪٽر ۾ سرڪاري زمين مٿان لينڊ مافيا حنيف سومرو ۽ سندس ساٿين طرفان غير قبضو ڪري پلاٽنگ بعد اڏاوتي ڪم مختيار ڪار گلزار هجري اسڪيم 33 اعجاز الحسن خان طرفان پوليس جي مدد سان بند ڪرائڻ بعد لينڊ مافيا جي ماڻھن ۽ ساٿارين ۾ ٽرٽلو مچي ويو آھي لينڊ مافيا جي ماڻھن طرفان جعلسازي/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 30

ايڊيشنل ھيلٿ سيڪريٽري پاران ميمڻ ڳوٺ سرڪاري اسپتال جو دورو

پيپلز پارٽي اڳواڻ انور ڄاموٽ عرفان علي شيخ جواد احمد باريچو محمد اسلم شريڪ

اسپتال جي عملي ۽ پي پي ايڇ آئي جي اڳواڻ سان ملاقات ڪئي اسپتال جي ڪارڪردگي رپورٽ طلب ڪئي

ڊپارٽمنٽ کي ڪجھ ڪوڙا ڪريٽ آفيسرن تباھ ڪيو آھي، ايڪسري مشين ايمبولينس سسٽم به تباھ آھي:عملدار

ڪراچي (رپورٽر) ايڊيشنل ھيلٿ سيڪريٽري ڪراچي ڊاڪٽر انيلا سولنگي جو ميمڻ ڳوٺ سرڪاري اسپتال جو اچانڪ دورو ڪيو ايم ايس ڊاڪٽر صالح ڊپير پيپلز پارٽي اڳواڻ انور ڄاموٽ عرفان علي شيخ جواد احمد باريچو محمد اسلم بروهي ۽ اسپتال جي عملي ۽ پي پي ايڇ آئي جي اڳواڻ سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر انيلا سولنگي /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 31

90 جي ڏھاڪي جي پوئين اڌ واري زماني ۾ ريڊيو ۾ ننڍين اٽل پٽل آئيل مختيار ملڪ

خيرپور(ڊ ر) ريڊيو پاڪستان سابقہ ڊائريڪٽر ۽ ڪنٽرولر شاعر اديب محقق اسڪالر مختيار ملڪ چيو آھي ته آوازن جي ھڪ وسيع دنيا آھي 80 کان 90 جي ڏھاڪي جي پوئين اڌ واري زماني ۾ ريڊيو پاڪستان ۾ ھڪ ننڍين اٽل پٽل آئي ھو ته ھڪ پاسي حيدآباد جي آواز جو ھڪڙا جو ۽ جس/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي: ايڊيشنل هيلٿ سيڪريٽري اسپتال جو دوري تي رڪارڊ چيڪ ڪري رهيو آهن

سنڌ جي تاريخي ماڳ پنيور جي ڳوٺ محمد هاشم ڪچي ميندرو جي بجلي بحال

ڳوٺ محمد هاشم ڪچي ميندرو جي بجلي بحال ڳوٺاٽن ۾ خوشي جي لهر ڇانيل آهي

مهيني کان بجلي بند هئي جنهن جا اسان بل به پڻ ادا ڪيا هئا پر بجلي بحال نه ٿي:ڳوٺاٽا

عبدالسلام تنولي پنهنجي ذاتي خرچ مان بجلي بحال ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي ڳوٺاٽن حاجي نور محمد ڪچي، صالح محمد ڪچي، محمد بلوچ ۽ ٻين جيڪي ته مهيني کان بجلي بند/ بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 33

گھارو نمائيندو (سنڌيار) گھاروسنڌ جي تاريخي ماڳ پنيور جي ڳوٺ محمد هاشم ڪچي ميندرو جي بجلي بحال ڳوٺاٽن ۾ خوشي جي لهر مهيني کان ڪٽيل هئي جيڪا بحال ٿي وئي

جسقم ٽنڈو محمد خان طرفان پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاھرو

پرويز پناھ ۾ بلڙي پوليس اٽالا ساڻ ڪري پڇا برادري جي گھرن تي چڑھائي خلاف احتجاج

ڪارڪنن زاھد جسڪاڻي اصغر نوناري ايوب ڪوريجو مختيار خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاھرو ڪيو

الھڏنو پنھور پرويز پناھ سميت جيڪي ملوٽ آھن انھن تي ايف آئي آر داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

ٽنڈو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٽنڈو محمد خان طرفان ٽنڈو محمد خان: جسقم اڳواڻ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽئين ڏينهن به جواز پوليس پرويز پناھ جي چرچ تي پرويز پناھ ۾ بلڙي پوليس اٽالا ساڻ ڪري پڇا برادري جي گھرن تي چڑھائي ڪرڻ واري عمل خلاف/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 01

نادرا چيئرمين پاران لھر

ڪالوني پرسان نادرا

رجسٽريشن سينٽر جو افتتاح

لاڙڪاڻو(رپورٽ) نادرا چيئرمين محمد طارق ملڪ لاڙڪاڻي پھچي شھر جي لھر ڪالوني پرسان نادرا رجسٽريشن سينٽر جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊي جي نادرا سڪر احتشام شاهد. ڊپٽي آپريشن مئنيجر غلام مصطفي پنھور. ڊپٽي ڊائريڪٽر ايدمن ڪيپٽن رٽائرڊ رضا علي. اسسٹنٽ ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو زون نبي بخش. اسسٹنٽ/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 03

سرحد پرسان قاضي واھ مان نامعلوم شخص جو لاش ھٿ

قاضي واھ مان مکڻ موري جي علاقي وٽان نامعلوم شخص جو لاش ھٿ آيو

اسپتال جي مردھ خاني ۾ رکيو ويو آخري اطلاعن تائين لاش جي سڃاڻپ نه ٿي

سرحد(رپورٽ: غلام عباس مھر) سرحد پرسان قاضي واھ مان نامعلوم شخص جو لاش ھٿ آيو ان سڃاڻپ لاءِ اسپتال منتقل. خبرموجب سرحد پرسان قاضي واھ مان مکڻ موري جي علاقي وٽان نامعلوم شخص جو لاش ھٿ آيو آھي ان سلسلي ۾ مليل ڇاڻ موجب مقامي ماڻھن قاضي واھ ۾ ترندڙ لاش ڏسي سرحد پوليس کي اطلاع ڏنو جنھن بعد سرحد پوليس پھچي لاش کڻائي سول اسپتال/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز پريس ڪلب اڳيان اميدوارن پاران مطالبن لاءِ احتجاجي مظاھرو

عتيق الرحمان وسڙو شعيب علي شھباز علي طارق علي صعيد احمد احتجاج ڪيو

حيدر آباد رينج 388 سنڌ پوليس جي رنگ پاس ڪري لکت واري ٽيسٽ ڏني ھئي:مظاھرين

سنڌ پوليس حيدر آباد 388 رينج جون 240 پوسٽ پيل آھن ته 33 کان 39 وارن کي آفر آڏو ڏنا وڃن

نوشهروفيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاھرو ڪيو ويو جنھن ۾ امتياز چانڊيو عتيق الرحمان وسڙو شعيب علي شھباز علي طارق علي صعيد احمد اجب گل ڪامران علي منظر علي سھيل احمد ڪاظم خان بابر علي سرمد علي ۽ ٻين ٻڌايو نوشهروفيروز: اميدوار آفر آڏو ته ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

تہ اسان 2019 ۾ حيدر آباد رينج 388 سنڌ پوليس جي رنگ پاس ڪري لکت واري ٽيسٽ ڏني ھئي/بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 07

شيخ ايياز فطرت جو شاعر ھو، رولاڪ

مسافر جيان فطري نظارن سان جو

متلاشي ھو:مقررين

خيرپور(ٻ ر) شيخ ايياز فطرت جو شاعر ھو ، ھو ڪنھن رولاڪ مسافر جيان فطري نظارن سان جو متلاشي ھو. شيخ ايياز جي شاعريڪنھن تقليد ۽ مصلحت کان الاھي پري آھي ھو ڪنھنجو تسلسل نه ھو شيخ ايياز شاعري، جي حوالي سان پنھنجا دڳ پاڻ کوڙيا . اھوئن خيالن جو اظھار سنڌي ادبي سنگت پرياليو، پاران شيخ ايياز ورسي تقريب ۾ /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: اميدوار آفر آڏو ته ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

مورو ۾ وڏندڙ بدامني ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي هٽائڻ لاءِ احتجاجي مظاھرو

سياسي سماجي قومپرست تنظيمن دوڪاندارن. واپارين پاران ڪورٽ کان ريلي ڪڍي

وڪيل قادر بخش ڪورائي، راڄ جي ايم ڪورائي، وڪيل غلام الله ميمڻ، جماڻي شريڪ

ھاشم نول، راشد نول، محمد اڪرم ميمڻ، انور سولنگي، صدام ڪلھوڙو، ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ھئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو ۾ وڏندڙ بد امني ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ڊي ايس پي مورو کي هٽائڻ لاءِ وڪيل برادريءَ سميت سياسي سماجي قومپرست تنظيمن دوڪاندارن. واپارين پاران ڪورٽ کان احتجاجي مظاهرو ريلي. مورو پريس ڪلب اڳيان ڏرڻو هنيو ويو جنھن جي اڳواڻي سومار ساڻ جو جنرل سيڪريٽري قادر بخش ڪورائي، راڄ جي ايم ڪورائي./بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 11

عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو ليڪچرار فرزند جو ٽيڇھو ٿي گذريو

ٽيڇھو ڳوٺ بچو هاليپوٽو نندو روڊ تي هاليپوٽا لا ايسوسيئيشن جي آفيس تي ٽيو

حبيب ڪلوئي، رشيد هاليپوٽو سريش ڪمار، دلدار نوحاڻي، جڏ مينگھواڙ ۽ ٻين جي شرڪت

عوامي تحريڪ اڳواڻ صدر جاکرو نوحاڻي مختيار بکاري مهراڻ درس رامجي ڪولهي شرڪت ڪئي

بدين/ٽنڈو باگو(نمائندن وٽان)عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو ليڪچرار فرزند پروفيسر سراج هاليپوٽو جو ٽيڇھو اڄ ٽنڈوباگو لڳ ڳوٺ بچو هاليپوٽو نندو روڊ تي هاليپوٽا لا ايسوسيئيشن جي آفيس تي ٽيو جتي سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين طرفان نندو روڊ کان بدين: عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو ليڪچرار فرزند جو ٽيڇھو ٿي گذريو

بينظير ٽٽو جي 15 ھين ورسي

جي موقعي تي پي پي ايڇ آءِ جون

اسپتالون کليل رھيون

لاڙڪاڻو(رپورٽر) ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم شھيد راڻي محترمہ بينظير ٽٽو جي 15 ھين ورسي جي موقعي تي پي پي ايڇ آءِ لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ مينيجر جي ھدايتن تي رورل ايرياز جون اسپتالون رتوڪوٽ، ٻيرو چانڊيو، شاھ آباد، ڏامراڻو ڪوٽ آباد، آباد پٽو، پنجوديرو، مڏباھوءِ موھن جو ڏڙو ايمرجنسي طور کليل رھيون. جنھن ۾ 2 ميگا /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 13

بدين: عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو ليڪچرار فرزند جو ٽيڇھو ٿي گذريو

سياري جون ٽڏيون راتيون، ڪليل آسمان هيٺ ويٺل ٻوڏ متاثرين جا اھنج وڏي ويا

سرڪار بي گھر ٽيل ٻوڏ متاثرين کي لاوارث ڇڏي ڏنو، ٻن يونين ڪائونسلن ۾ واھر نه ٿي

رمضان خاصخيلي، محمد صفر خاصخيلي رمضان خاصخيلي، عزيز خاصخيلي احتجاج ڪيو

سمورن ڳوٺن جي بي گھر ٽيل ٻوڏ متاثرين جي بحالي لاءِ بهتر قدم کٽي واھر ڪئي وڃي: ڳالھيون

ڏاڏو (ن سنڌيان) تبديل ٿيندڙ موسم سياري جون ٽڏيون راتيون، ڪليل آسمان هيٺ ويٺل ٻوڏ متاثرين جا اھنج وڏي ويا سرڪار بي گھر ٽيل ٻوڏ متاثرين جي بحالي لاءِ بهتر قدم کٽي واھر ڪئي وڃي: ڳالھيون

متاثرين کي لاوارث ڇڏي ڏنو دادو تعلقي جي ٻن يونين ڪائونسلن ۾ ٻوڏ تباھي مجاڻي ڇڏي سوين خاندان دربدر ٿيا سنڌ سرڪار متاثرين جي بحالي لاءِ ڪجھ به قدر نه ڪنيا، دادو تعلقي جي يونين ڪائونسل يار محمد ڪلھوڙو جي ڳوٺ حاجي ماھي /بقايا پڙھو صفحو 3 نمبر 15

ايس ايس پي نوشهروف

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڈيٽر: اعجاز مهر

خميس 29 ڊسمبر 2022ع

دهشتگردي جو خطرو ۽ سياسي ذرين جي ذميواري

ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام هجي، معيشت جي حالت خراب هجي ته دهشتگردن کي منظم ٿيڻ لاءِ ان کان وڌيڪ پلو وقت ملي نه ٿو سگهي ۽ انهي جو فائدو وٺي انهن اهي ڪارروايون شروع ٻه ڪري چڏيون آهن. پهرين کي پي مان دهشتگردي جون ڪارروايون شروع ٿيون ۽ انهي خلاف احتجاج ٻه ٽيا ته دهشتگرد منظر ٽي رهيا آهن انهي کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن پر کي پي حڪومت سياسي معاملن ۾ مصروف هجڻ سبب انهن تي اهو ڏيان نه ڏئي رهي هئي جنهن سان انهن دهشتگردن کي روڪي سگهجي. ايستائين جو اهي ٻه خبرون اچي رهيون هيون ته وڏي وزير سميت ٻيا وزير ۽ ڪامورا ٻه انهن دهشتگردن کي پٺتو پهچائي پنهنجي جان جي امان گهري رهيا هئا. انهي ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ هڪ دهشتگرد جي گهڙڻ جون خبرون آيون ۽ پوليس اهلڪارن هڪ چوڪي تي ان کي روڪي تلاشي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهي خودڪش بمبار پاڻ کي ڦاڙي چڏيو جنهن سان هڪ اهلڪار ٻه شهيد ٽي ويو. ڪجهه ڏينهن اڳ بلوچستان ۾ دهشتگردي جا واقعا ٽيا آهن جڏهن ته هاڻي وري سنڌ جي شهرن ڪراچي،حيدرآباد ۽ سکر لاءِ ريڊ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي ته اتي ٻه دهشتگردي جو خطرو آهي جڏهن ته اسلام آباد ۾ دهشتگردي جي خطري سبب سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا آهن. ايئن ٿو لڳي ڪي پي ڪان منظر ٽيل دهشتگرد سجي ملڪ تائين پهچي چڪا آهن ۽ هر صوبي ۾ ڪنهن ٻه وقت ڪا دهشتگردي جي واردات ٽي سگهي ٿي.

ڪجهه سال اڳ تائين ملڪ ۾ دهشتگردي جون وارداتون هر آئي ڏينهن ٽيندیون رهنديون هيون جنهن ڪري ملڪ کي جاني نقصان سان گڏ معاشي نقصان ٻه برداشت ڪرڻپيو پر پوءِ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ جڏهن سياسي ذرين نيشنل ايڪشن پلان جوڙيو ۽ ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ته سيڪيورٽي فورسز انهي دهشتگردن جي نيٽ ورڪ کي توڙي چڏيو ۽ ملڪ ۾ امن امان بحال ٽيو پر گذريل حڪومت ۾ سياسي مصلحتن جي ڪري انهي نيشنل ايڪشن پلان تي ايئن عمل نه ٿي سگهيو جنهن لاءِ اهو جوڙيو ويو هو پوءِ اهي دهشتگرد انهي ڪمزوري جو فائدو وٺندي وري منظر ٽيڻ لڳا جنهن ڪري وري ملڪ ۾ اها صورتحال ٽيڻ جو خطرو پيدا ٽي پيو آهي جنهن مان جان چڏائڻ لاءِ نه رڳو سيڪيورٽي فورسز پر سياسي اڳواڻن ۽ عام شهرين ٻه پنهنجون حياتيون قربان ڪيون، چاڪاڻ ته جيڪي ٻه سياسي اڳواڻ انهي دهشتگردن جي سامهون ٽي بيٺا يا جيڪي عالم انهي خلاف فتواڻون ڏيڻ لڳا انهن کي چونڊي چونڊي شهيد ڪيو ويو مسجدن ۽ مارڪيٽن ۾ خودڪش ڌماڪن سبب هزارين عام شهرين جون حياتيون هلي ويون. انهي دهشتگردي دوران سنڌ ٻه تمام گهٽو پوگيو ۽ هڪ دفعو ٻيهر وري سنڌ جي ٽن وڏن شهرن ڪراچي حيدرآباد ۽ سکر ۾ دهشتگردي جي واقعن جو خطرو ظاهر ڪيو پيو وڃي. اڳ ۾ جڏهن دهشتگردي ڪر ڪنيو هو ته ان وقت ملڪ ۾ هڪ آمر جي حڪومت هئي جنهن ڪانپوءِ سياسي حڪومت اچي ان تي قابو پاتو هو ملڪ ۾ سياسي استحڪام اچڻ ۽ معيشت بهتر هجڻ سبب ان دهشتگردي تي قابو پائڻ ۾ مدد ملي پر هن وقت هڪ طرف ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام جهڙي صورتحال آهي ته ٻئي طرف وري ملڪي معيشت جي حالت ٻه اهڙي آهي جو ملڪ جي ديفالٽ ٽيڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن ان صورتحال ۾ جيڪڏهن اها دهشتگردي وڌي ٿي ته ملڪ لاءِ تمام گهٽي نقصانڪار هوندي.

اسان سمجهون ٿا ته اها سياسي ذرين جي ذميواري آهي ته ملڪ جي خراب معيشت ۽ دهشتگردي جي وڌندڙ وارداتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏجي ويهن ۽ پنهنجي سياسي ايجنڊائن کي پاسيرو رکي ملڪ کي هن ڏاڍ مان ڪيڏ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪن نه ته اهي دهشتگرد نيٽورڪ انهي صورتحال جو فائدو وٺي ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. تنهن ڪري حڪومت ۽ مخالف ذر ملڪ جي هن سلامتي واري مسئلي تي پنهنجا پنهنجا اختلاف هڪ پاسي رکي گڏجي ويهي حڪمت عملي جوڙين. جيئن نيشنل ايڪشن پلان ناهڻ وقت گڏ وينا هئا.

بقايا 01

خان چيو ته جنرل(ر) قمرجاويد باجوه جا اسان جي حڪومت سان سٺا ريليشن رهيا. باجوه هن ملڪ تي وڏو ظلم ڪيو جنهن سبب اسان ڏيهالت جي ويڇ ۾ پهچي چڪا آهيون. عمران خان چيو ته استيبلشمينٽ جو نالو جنرل باجوه هو آمريڪا ۾ منهنجي خلاف لابنگ جي لاءِ حسين حقاني جون خدمتون حاصل ڪيون ويون. آمريڪا کي اهو تاثر ڏنو ويو ته جنرل باجوه آمريڪا جو حامي آهي ۽ مان آمريڪا کو مخالف آهيان. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته جنرل باجوه جي ريڇهن سياستدانن جي ڪريشن بي معنيٰ هئي. مان جنرل(ر) باجوه کي سمجهائيندو رهيس ته ڪريشن وڏو مسئلو آهي. باجوه جي شهري جون ڪوپ ٽرلي سان دوستيون هيون. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته ٽيڪنو ڪريٽ حڪومت آڻڻ جو شوشو چڏيو پيو وڃي. مون کي هن وقت چونڊون ٽيندي نظر نه پيون ايئن. حڪومت کان وڌيڪ پٽيان ويٺل مائهن جو چونڊن ڪرائڻ لاءِ ريڊ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي ته انهي ٻه ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ ٻه هنگامي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي. ايئن ٿو لڳي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ ڪا وڏي سياسي سرگرمي ٿيڻ جو امڪان ناه

بقايا سنڌيار 01

پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي اصغر نوناري ايوب ڪوريجو مختيار خاصخيلي سليم هالييوٽو نور زمان حاجاڻو ساجد سنڌي قومپرست عوامي اتحاد جي جنرل سيڪريٽري جاويد هالييوٽو ۽ پين خطاب ڪندي چيو ته جاڙاهواهڳوٽ حاجي پچو ۽ پ ب پ ۽ پوليس وهنگار وهندي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي ايس ايڇ او الهڏنو پنهور پوليس جي وڏي اتالن ۽ پرويز پناڻ ان جي سائين سان گڏجي گوٺ تي چڙهائي ڪري ڳهن ۽ گهڙي چوديواري جو تقدس پائمال ڪري عورتن ٻارن بزرگن نوجوانن تي تشدد ڪري سخت زخمي ڪيو زخمين ۽ 4 سالا معصوم بارڙي سنيا کي باهه ۽ اڇلائي چڏيو هو عورتون ٻار پٽ زخمي ٿيا آهن الهڏنو پنهور ڪل شام جو ڊيوٽي اتڪا ۽ اوطاق کي باهه ڏئي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيا ويا آهن سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽ سيشن ڪورٽ آئي جي ڊي آئي جي انساني حقن واري تنظيم ڪان مطالبو ٿا ڪريون ته پڇا برادري تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ايس ايڇ او الهڏنو پنهور پرويز پناڻ سميت جيکي ملوث آهن انهن تي ايف آئي آر داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 02

خيرمرجب، خانپورمهر ويڇهو ڳوٺ موالي خان شر ۾ چوري جا پيرا لڳڻ تان گذريل رات شر برادري جي ماڻهن ۽ پوليس وچ ۾ جهيڙي واري معاملي بعد خانپورمهر ٽائي تي شر برادري مڃان مينهن چوري ۽ پوليس تي حملي جا ۽ ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، هڪ ڪيس رياض مهر جي فرياد تي مينهن چوري جو 4 ڇٽن رياض شرغني ش، مختيار شر۽ گل حسن شرخلاف ۽ پيو ڪيس سرڪار ٻاران اي ايس آءُ محمد جعفر مگهنهار جي فرياد تي شر برادري جي 28 ڇٽن خلاف پوليس مٿان حملي ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو، جنهن ۾ گلڻ، راشد، وريام شر، حبيب الله، مينهل، الهبار سميت ٻيا نامزد ڪيا ويا آهن. هوڏانهن ڪيس داخل ٿيڻ بعد خانپورمهر پوليس ڳوٺ موالي خان شر تي ڪاوڙ ڪاڍي مڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪري چڏي آهي،ٻڌايو ويو وڃي ته پوليس ڳوٺ مان ڪيترو ئي ڇوڪرا ۽ پ ڪاهي وئي آهي، ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او برڪت پٽي ٻڌايو ته شاهپور مهر مان چوري جي داخل ڪيس ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ويا سين ٽ شر برادري جي ماڻهن پوليس ۽ پاڳين مٿان حملو ڪيو،مينهن چوري جي مڪ جوابدار رياض شر کي گرفتار ڪري ورتو آهي، وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻي رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 03

ڊائريڪٽر ۽ انچارج نادرا سينٽر لاڙڪاڻو محمد شريف سومرو ۽ ٻيا ٻڌ موجود هئا. ان موقعي تي ميڊيا سان گفالهائيندي نادرا چيئرمين محمد طارق ملڪ چيو ته افغانين جا ڪارڊ 2007 کان اڳ جا ٺهيل هئا ان وقت ملٽي بائيوميٽرڪ سسٽم نه هو ۽ ان وقت هڪ سان لکيو ويندو هو پر پاڪستان ۾ افغانين جي آمد جو سلسلو 1980 کان شروع ٿيو هو،هاڻي ته ملٽي بائيو ميٽرڪ سسٽم اڃا بعد اهي ڪارڊ ٺهڻ انتهائي مشڪل ٿي ويو آهي. هن چيو ته هاڻي ڪو به افغاني يا غير ملڪي ڪارڊ ٺهرائڻ ٿو ته ان جي پراپر ويريفڪيشن ڪئي ويندي آهي ۽ ڪارڊ ۾ چپڪس ۽ بائيو ميٽرڪ ڊوائيسز لڳايا ويا آهن اهڙا ماڻهو سينٽر تي اينديا ته انهن جي ٽرانزيشن به چيڪ ڪئي ويندي آهي. هن چيو ته اڳ خبر ٺهي ويندي هئي ته ايترن افغانين جا ڪارڊ ٺهي ويا پر هاڻي خبر لڳڻ گهرجي ته نادرا جو سسٽم ايترو ته مضبوط ٿي ويو آهي جو انهن جا ڪارڊ ٺهڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. هن چيو ته ماڻهو سان جراب جو نشو ڪري علاقڪي جي رهندڙ ماڻهن سان شراب جي نشي ۾ ڊٻ ٿي ناجائز طور تي جهيڙو ڪري گارگند ڪري ٿو ۽ ڳوٺائن خلاف پوليس ۽ ضلعي انتظاميه کي ڪوڙيون درخواستون ڪري ڪين زبردستي حراسان ڪري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اصغر مگسي جي زيادتين سبب سجو ڳوٺ سخت پريشان آهي هنن چيو ته پوليس وٽ هن ڳوٺائن خلاف ڪوڙيون درخواستون ڪيون جيکي ملوث آهن انهن تي ايف آئي آر داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 04

گوٺ علي خان مگسي جي ڳوٺائن الله ڏنو مگسي ،عبدالله مگسي،شعيب مگسي،فضل الله مگسي ۽ بين ڪنڊ‌ومحمدخان پريس ڪلب ۾ علاقي جي ٻاڻ اصغر مگسي جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اصغر مگسي جون ڳوٺائن سان هر روز ڏيادتيون وڌي ويون آهن هو شراب جو نشو ڪري علاقي جي رهندڙ ماڻهن سان شراب جي نشي ۾ ڊٻ ٿي ناجائز طور تي جهيڙو ڪري گارگند ڪري ٿو ۽ ڳوٺائن خلاف پوليس ۽ ضلعي انتظاميه کي ڪوڙيون درخواستون ڪري ڪين زبردستي حراسان ڪري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اصغر مگسي جي زيادتين سبب سجو ڳوٺ سخت پريشان آهي هنن چيو ته پوليس وٽ هن ڳوٺائن خلاف ڪوڙيون درخواستون ڪيون جيڪي ڊي ايس پي مجاهد شاهه انڪوئري ڪرڻ بعد ان ڏانل درخواستن کي ڪوڙو قرار ڏئي اسان کي آزاد ڪيو هنن چيو ته اصغر مگسي جو ٻڌ ميرمحمد مگسي سنڌس نياڻي جي شادي عبدالله مگسي سان ڪرائي ۽ ڏاڇ ۾ ان جيڪو ٿي لک روپين جي مالڪ جو هواهو ٻڌ هن وڪرو ڪري چڏيو آهي ۽ سنڌس سالي عبدالله مگسي جي پاران سنڌس زال کي ڏيج ۾ مليل اٽ جي گهر ڪرڻ تي هو سنڌس سالي عبدالله مگسي خلاف ٿاڻن تي سنڌس ڊيشن جي اغوا ڪرڻ بابت ڪوڙيون درخواستون ڪرايون آهن ڳوٺائن اعلي اختيار کان مطالبو ڪيو آهي ته بااثر شخص اصغر مگسي خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

گهوٽڪي منتقل ڪيو جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش سڃاڻپ لاءِ اسپتال جي مردم خاني ۾ رکيو ويو خبر فائيل ڪرڻ تائين لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 06

ميگهو ماروڙو، سومارمهيشوري، ڪانيو مهيشوري، پپو ، سليم مسيح، مولجند ۽ ٻين سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ڪجه ڏينهن اڳ ڪراچي جي سنڌي ٻاڙو جهانا آباد جي مهيشوري برادري جي 13 سالا نابالغ ڇوڪرن کي اغوا ڪري سنو مهيشوري کي ارشد صالح محمد پنهنجي سائين سميت ڏينهن ڏني جو هڪياڻن جي زور تي گهر ۾ داخل ٿي اغوا ڪري ويو آهي ۽ نينگري کي حيسائي زوري مذهب مٽائي نڪاح ڪرايو ويو آهي اهڙي واقعي جو ڪيس نينگري جي وارثن ڪراچي پاڪ ڪالوني پوليس اسٽيشن تي داخل ڪرائڻ ويا ته الٽو نينگري رميلا جا ڪوڙا ڪاغذ ڏيکاري نينگري جي عمر 20 سال ٻڌائي وئي جيڪا سراسر غلط ۽ ڪوڙي آهي. جنهن کان پوءِ ايس ايس پي ڪياماڑي فدا حسين جاتوري سان گاڙهي پرڻ ڪرڻ بعد رات جو پارانهن پجي ايف آئي آر داخل ڪئي جنهن کي 16 ڏينهن گذري ويا آهن پراڃا تائين جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو آهي، اسان شيڊيول ڪاسٽ ويلفيئر ايسوسيئيشن ضلعو سڃاول ۽ سڃاول ضلع جي اقليتي برادري مطالبو ٿا ڪريو ته اسان جي معصوم نابالغ نياڻي کي ظالمن جي چنبي مان بازياب ڪرائي ۽ مائٽن حوالي ڪري جوابدار راشد پٽ صالح محمد ۽ غير قانوني نڪاح پڙهائيندڙ مولوي کي چائلڊ ميرج بل 2013 سنڌ اسيمبلي تحت گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي ٻي صورت ۾ پوري پاڪستان جي هندو برادري پاران سخت احتجاج ڪيا ويندا

بقايا سنڌيار 07

جنهن ۾ حيدر آباد رينج ۽ ٽوٽل 4400 سو ويڪنٽ پوسٽ هيون ان ۾ 3300 سو اميدوار 40 مارڪن ڪٽي ڪامياب ٿيا جيڪي ويڪنٽ پوسٽ رهجي ويو آهن ۽ جن جون 39 کان 33 مارڪون آهن انهن کي ويٽنگ لسٽ ۾ رکيو ويو آهي انهن ويٽنگ لسٽ واري آسري ۾ رينا آهيون ۽ ضلعلي نوشهرو فيروز ۾ سنڌ پوليس حيدر آباد 388 رينج جون 240 پوسٽ پيل آهن ته 33 کان 39 وارن کي آفر آڏو ڏنا وڃن ٿا ايبل ٿا ڪيون سي ايم سنڌ سائين مراد علي شاهه ۽ آءُ جي سنڌ غلامي ميمڻ کي ڪي اسان کي نوڪري ڏني وڃي ورنه حيدر آباد ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

معاشري مان پوليو جي موڏي مرض جي باڙ پٽي سگهجي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ڊي سي آفيس جي ڪميٽي هال ۾ منعقد پوليو جي خاتمي واري اينڈ مهم بابت هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي . هن چيو ته گذريل مهم جي تجربن مان سکيو وڃي ۽ اينڈ مهم تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن مهم جا سٿو سيڪٽرونتيجا حاصل ڪري سگهجن .. هن لاڪاپيل ڪاتن جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته هن مهم دوران پوليو ٽيمن جي پرپور رهنمائي ڪرڻ سان گڏ سندن سهڪار ڪيو وڃي . اجلاس ۾ پوليو جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر مسرور عالماڻي ٻڌايو ته مهر دوران ضلعي جي 154082 ٻارن کي پوليو جا قطرا پيارڻا ويندا جهن لاءِ ٽوٽل 465 ٽيمون تشڪيل ڏنيون ويون آهن جنهن ۾ 398 موبائل ، 26 ٽرانزٽ ۽ 398 گشتي ٽيمون جوڙيون ويون آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته هن مهر دوران 6 مهينن کان پنجن سالن تائين جي عمر واري ٻارن کي ويڪسين پوليو جي قطرا پيارڻا ويندا . اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون انور ميمڻ ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر لڇمڻ داس ، ايڊيشنل ڪمشنر تو ذوالفقار علي نظاماڻي، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءُ ڊاڪٽر راشد ميمڻ ، ڊبليو ايڇ او جي نمائنده ڊاڪٽر معمونه کان علاوه صحت، تعليم پوليس ، ۽ پين لاڪاپيل ڪاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 09

ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي آڊيٽر۽ سنگت پرياگو جي سيڪريٽري سجاد ميراڻي ڪيو رسمي تقريب ۾ گهاڻهائيندي نامياري شاعرسعيد سنڌي، جيو شيخ اياز جي شاعري پڙهي نوجوان نوجوان سلو پراڻي سڳهن ٽا سينيئر شاعر استاد ڪندن لال جيو ته شيخ اياز جيڪڏهن ثاني لطيف آهي تہ پوءِ اهڙي ثاني لطيف جي تدفين سکر يا شڪارپور ۾ ٽيڻ گهرجي ها نوجوان شاعر مالڪ اشتر جيو ته شيخ اياز‌پنهنجي شاعري، ذريعي سنڌي ٻولي جو هر لحاظ مان مٿاهون ڪيو. نئين ٽهي، جي شاعر مدثر ڀاليه تقريب ۾ جيو ته شيخ اياز سنڌ هو ۽ سنڌ شيخ اياز آهي اياز هڪ مزاحمتي شاعر هو جنهن سنڌ جي سورن تي لکي سڌي ماڻهن کي بيدار ڪيو تقريب ۾ عطا ميراڻي هريش ڏومياڄا آڪاش الرو وقار سرمد فهيم ٿهيم ۽ پين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 10

جنهن تحت صوبائي نائب صدر پروفيسر ببيوس بخش علي چانڊيو،صوبائي جنرل سيڪريٽري سد مختيار علي شاهه مختيار، صوباي جوائنٽ سيڪريٽري شمس الحق ابڙو، صوبائي پريس سيڪريٽري راحت نياز پٽو کي سال 2023 لاءِ منتخب ڪري چڏيو ان موقعي تي صوبائي صدر اعجاز ممنائي چيو ته فورم سمورين هولين جي فروغ، ترقيءَ جي لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي هن فورم ذريعي سنڌي زبان ۽ ادب کي نه صرف پاڪستان بلڪ عالمي سطح تي ان جي پزيرائي ڪرائڻي آهي انڪري پهرئين مرحلي ۾ اڄ فورم جي صوبائي ڪابنه تشڪيل ڏني آهي جڏهن ته پئي مرحلي ۾ سنڌ جي سمورن ضلعن جي ڪابينه الڳ ٺاهي ويندي انڪري سرگرم سنڌي اديبن شاعرن ۽ جاڪوڙي محققن کي دعوت ڏني ڏجي ته هن فورم جي پليٽ فارم تان ادب جي ترويج ۾ اسان جو ساڻ ڏين ته جيئن سنڌي ادب کي عالمي سطح تائين روشناس ڪرائي سگهجي

بقايا سنڌيار 11

وڪيل غلام الله ميمڻ، محمد اسحاق ڪورائي، محمد هاشر نول، محمود اعوان، جاني مورائي، خان محمد سومرو، غلام فريد ڪلهوڙو، سجاد علي، شاهنواز پٽي، سجاد علي مستوئي، جاني مورائي، منظور سولنگي، عبدالغفار چوهان، ڪامران جانديو، عمران چنڊ، جماڻي بخشل احمد، ياسين سومرو، عبدالعزيز جانديو، سليم جان پٽي، محمد هاشر نول، راشد نول، محمد اڪرم ميمڻ، انور سولنگي، ابرار مورائي، ممتاز سولنگي، الله رکيو ڪمبو، صدام ڪلهوڙو، جنيد راجپوت ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. هنن چيو ته مسلسل احتجاج ڪرڻ جي باوجود مورو پوليس کي ڦ تحرڪ نه ورتو آهي نه وري شهر ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري اسان جو احتجاج جاري رهندو ۽ اڄ مورو ڪورٽ ڪان سمورن سياسي سماجي قومپرست تنظيمن ۽ وڪيل برادري، پاران پرپور احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي نوشهروفيروز، ڊي ايس پي مورو کي هتائي شهر جو امن بحال ڪرايو وڃي ٻي صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو..

بقايا سنڌيار 12

شاخ مڪلي طرفان سنڌ جي سرموڙ شاعر ۽ اديب شيخ اياز جي 25 هين ورسي جي ڪوٽايل تقريب ۾ سنڌ جي ناليواري پاڻي ماهر ۽ اديب انجنيئر اوياز خشڪ سينيئر شاعره عزيز حنا عباسي سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو،سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي ترجمان رمضان ميمڻ،سماج سڌارڪ بي بي بهرائي، مڪلي پريس ڪلب جي صدر احمد خان خشڪ،مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر مارو خشڪ. ايڊووڪيٽ راڻي پتو،سياسي سماجي شخصيت امجد پليجو ۽ پين شيخ اياز کي لفظن جي گلابن سان پرپور پيٽا پيش ڪندي ڪيون هنن وڌيڪ چيو ته شيخ اياز گهڙن ۾ داخل ٿي عورتن ٻارڙن ۽ پير سن مردن کي مارڪٽ ۽ قرٻل ڪئي منشيات ڏاڍ تي پرپور انداز ۾ لکيو آهي تڪريب ۾ جي نالي تي سجي گوٺ کي ڪڙو چاڙهي ننگ ناموس جو خيال ڪرڻ بدران توهين نوجوان ڪلاڪار سنڌي فدا ميمڻ ۽ مجاهد محبوب خاصخيلي شيخ اياز جي شاعري ترنم ۾ ڳائي تقريب تي اياز رنگ وکري چڏيا ان موقعي تي مختلف علمي ادبي سماجي سياسي شخصيتن احسان هاليپوٽو،فريد گل شاعر،سجاد ميمڻ، جاويد لطيف ميمڻ، علي اڪبر دلواڻي ۽ پين پڻ تقريرون ڪيون

بقايا سنڌيار 13

ميڊيڪل ڪيمپس قائر ڪيون ويون، جاڻايل ڪيمپن ۾ هڪ سعدوديرو موڙ تي ۽ ٻئي فريد آباد موڙ تي ڪُمپ لڳائي وئي، انهن ڪيمپس ۾ هيلٿ سينٽر تي ايمبلائيز جو ڊيوٽيز 24 ڪلاڪ ٻن شفٽن ۾ لڳايون ويون، جڏهن ته سعدوديرو ڪيمپ تي ايس او اشتياق کهڙو پي پي ايڇ لاڙڪاڻو لڳرائي، جنهن جي وڙت پڻ پي پي ايڇ آءُ ڊسٽرڪٽ مينيجر اقراءُ جاڳيراڻي ڪئي، جڏهن ته ڪيمپس تي فري چيڪپ سان گڏ مختلف مريضن جو علاج ڪيو ويو جڏهن ته روزانو 400 لڳ ڀڳ مريضن کي ميڊيسن ڏني وئي ۽ ايڪسيڊنٽ جي واقعن جي ٽيٽ ڪري مختلف زخمين جي پٽ ٽريٽمينٽ ڪئي وئي، جڏهن ته حادثن جي نتيجن ۾ سيريس زخمي ٽيلن کي ايمرجنسي طور لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال ڏانهن اماٽيو ويو

بقايا سنڌيار 14

جو نوٽيس وٺي گئس جي بل ۾ لڳل غيرقانوني ڊڪشن ڪرائي ڏني وڃي پي صورت ۾ احتجاج جو ڊائرو وڏايو ويندو

بقايا سنڌيار 15

خان خاصخيلي رهواسين عنايت الله خاصخيلي، رمضان خاصخيلي، محمد صفر خاصخيلي رمضان خاصخيلي، عزيز خاصخيلي سميت پين ڳوٺائٽن ميڊيا آڏو ڊي سي آفيس جي ڪميٽي هال ۾ منعقد پوليو جي خاتمي واري اينڈ مهم بابت هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي . هن چيو ته گذريل مهم جي تجربن مان سکيو وڃي ۽ اينڈ مهم تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن مهم جا سٿو سيڪٽرونتيجا حاصل ڪري سگهجن .. هن لاڪاپيل ڪاتن جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته هن مهم دوران پوليو ٽيمن جي پرپور رهنمائي ڪرڻ سان گڏ سندن سهڪار ڪيو وڃي . اجلاس ۾ پوليو جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر مسرور عالماڻي ٻڌايو ته مهر دوران ضلعي جي 154082 ٻارن کي پوليو جا قطرا پيارڻا ويندا جهن لاءِ ٽوٽل 465 ٽيمون تشڪيل ڏنيون ويون آهن جنهن ۾ 398 موبائل ، 26 ٽرانزٽ ۽ 398 گشتي ٽيمون جوڙيون ويون آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته هن مهر دوران 6 مهينن کان پنجن سالن تائين جي عمر واري ٻارن کي ويڪسين پوليو جي قطرا پيارڻا ويندا . اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون انور ميمڻ ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر لڇمڻ داس ، ايڊيشنل ڪمشنر تو ذوالفقار علي نظاماڻي، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءُ ڊاڪٽر راشد ميمڻ ، ڊبليو ايڇ او جي نمائنده ڊاڪٽر معمونه کان علاوه صحت، تعليم پوليس ، ۽ پين لاڪاپيل ڪاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 16

گفت طور رهڻ لاءِ گهر ڏنا ۽ مسجد ۾ ويهي چيو ته هي گهر توهان کي حافظ قرآن ٽيڻ تي گفٽ ڏنا پيا وڃن جيڪي توهان جي ذاتي ملڪيت هوندا چار سال گذرڻ بعد هاڻ اسان کي چيو پيو وڃي ته گهر خالي ڪريو توهان کي اهڙا گهر ٻڌي پاسي ٺهرائي ڏيندا‌سين اسان چيو هڪ ته هي گهر توهان اسان کي ڏئي چڏيا هئا هاڻ وري خالي ٿا ڪرايو جيڪا سراسر ناانصافي آهي پر جيڪڏهن زور ٿا پريو ته بهرين ڪنهن ٻئي هنڌ گهر ٺهرائي ڏيو ۽ اسان کي اهڙي لکت پڙهيو ته اسان گهر خالي ڪنداسين ٻئي صورت ۾ اسان گهر خالي نه ڪنداسين اسان جو ايترو چوڻ مدرسي انتظاميه وارا مچرجي پيا ۽ چيائون ته جيڪڏهن توهان گهر خالي نه ڪيا ته رات ۾ ماڻهو وٺي توهان جو سامان باهر اڇلائي گهر خالي ڪنداسين جيڪڏهن ڪنهن مزاحمت ڪئي ته پوءِ پنهنجي پيانڪ انجام جو ٻاڻ ڏيواريا‌هوندو‌هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته مدرسي انتظاميه جي ظلمن کان بچائي سائن انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو ڊائرو وڏايو ويندو

بقايا سنڌيار 17

ڊپٽي ڊائريڪٽر عبدالقدوس ميمڻ: ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ: ڊاڪٽر انصاف علي پٽو: جن جي نگراني ۾ چوپائي مال کي پيٽ جي بيمارين چمڙي کان بچاءُ جا حفاظتي ٽڪاءُ لڳايا ويا هجن ته ڊاڪٽر ميديا سان گهاڻهائيندي چيو ته اسان جون ٽيمون اڪثر تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن ۽ بهراڙي وارن ڳوٺن ۾ پهچي چوپائي مال کي بيمارين کان بچاءُ خاطر اڳواٽ وڪسين لڳائي سوين مسڪين مالوندن کي نقصان ٽيڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن هنن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته تعلقي ۾ ڪنهن به جڳهه يا ڳوٺ توڙي شهرن ۾ مالوندن کي بيماري بابت ڏکيائون درپيش هجن ته فوري طور تي اسان کي اطلاع ڪري ٻڌايو وڃي ته جيئن اتي هڪدم ڊاڪٽري ٽيمون موڪلي چوپائي مال جي وڪسين ڪري سگهجي ته جيئن مالوند مسڪين ماڻهن کي مالي نقصان کان بچائي سگهجي

بقايا سنڌيار 18

جي حد ۾ چور قر جي نيت سان بيلڊ ڏوهارين ايس ايڇ او دريا خان ۽ پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني. جڏهن ته ايس ايڇ او نبي بخش جلباڻي پوليس پارٽي سان گڏ جوابي ڪارروائي ۾ ، مقابلي بعد ٻن جوابدارن کي غير قانوني هٿياربن ۽ ٽن موٽرسائيڪلن سميت گرفتار ڪري ورتوگرفتار ٽيل ڊاڙيلن جي سڃاڻپ الهڏنو/ ڪالو لاشاري ۽ محمد جاويد وگن طور ٿي آهي ڪارروائي دوران 2 غير لائسنسي پستول (30 بور) ۽ ٽي موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون. پوليس مقابلي ۽ سنڌ آرمس ايڪٽ تحت ٻه الگ الگ ڪيس داخل ڪيا ويا.مورو ٽائي جي پوليس ڪارروائي ڪري منشيات فروش کي مضر صحت گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتوگرفتار جوابدار واصف قريشي جي قبضي مان گٽڪي جا 03 پيڪيٽ هٽ ڪرڻ بعد مين پيڙي ڪٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ٽارو شاهه ٽائي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي منشيات فروش کي چرس سميت گرفتار ڪري ورتوگرفتار جوابدار فضل/ڪڏو سولنگي جي قبضي مان 1600 گرام چرس هٽ ڪرڻ بعد نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ٻئي طرف هالاڻي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٽ ڪري ورتي. برآمد ٿيل موٽرسائيڪل تصديق بعد اصل مالڪ نثار انصاري حوالي ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 19

عبدالقادر بروهي ۽ سوين ماڻهن سان گڏ پرهجوم پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته هو 34 سالن کان پي پي پي سان هر ڏک سک ۾ گڏ هئا جنهن جو انعام اسان جي گهرن تي پوليس چڙهائين چاپن چادر چاردپواري جي تقدس کي پائمال ڪري ڏنو ويو آهي هن چيو ته هن پنهنجي راڄ ۾ پاڳ سان گڏجي هڙان وڙان خرچ ڪري پارٽي کي ڪترايو ۽ پنهنجي محسن ۽ دوست ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا کي چڏي پارٽي جو ساٿ ڏنو پر هي پهرين پيرو نه ٽيو آهي پر ان کان اڳ ۾ به بدين پوليس کنهن جي چرچ تي رات جي اونداهي ۾ بروهين جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن ٻارڙن ۽ پير سن مردن کي مارڪٽ ۽ قرٻل ڪئي منشيات جي نالي تي پرپور انداز ۾ لکيو آهي تڪريب ۾ جي نالي تي سجي گوٺ کي ڪڙو چاڙهي ننگ ناموس جو خيال ڪرڻ بدران توهين نوجوان ڪلاڪار سنڌي فدا ميمڻ ۽ مجاهد محبوب خاصخيلي شيخ اياز جي شاعري ترنم ۾ ڳائي تقريب تي اياز رنگ وکري چڏيا ان موقعي تي مختلف علمي ادبي سماجي سياسي شخصيتن احسان هاليپوٽو،فريد گل شاعر،سجاد ميمڻ، جاويد لطيف ميمڻ، علي اڪبر دلواڻي ۽ پين پڻ تقريرون ڪيون

بقايا سنڌيار 20

سينئر صحافي غوث علي جهتيال صدر سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو سينئر صحافي گلاب پنڀ، سرور جلال سولنگي، فتاح شيخ، سماجي اڳواڻ محمد بخش ڪورائي، لياقت علي ملڪ،ڪامران ڪورائي، ديدار شيخ، واجد علي ملاح، علي گوهر سومرو، فياض ڏاڻ،علي گل جنڊ، سخي سردار چارڻ، محمد خان جمالي، نثار احمد سومرو، رضوان ميمڻ ۽ پين لفظن جي پيٽا پيش ڪئي 26 ورسي تقريب ۾ سرمد سنڌي جي پورٽريٽ اڳيان ڏيئا ٻاري عقيدت جا گل نڇاور ڪيا ويا، مقررن چيو ته سرمد سنڌي جي گيتن ۾ سنڌ جو روح سمايل هيو جنهن ڪري اڄ تائين سرمد ڪروڙين سنڌين جي دل ۽ دماغ ۾ رچي ٿو ۽ سرمد سنڌي جهڙي شخصيت ڪڏهن به مرٽي نه آهي هي هميشه زنده آهي ۽ رهندو، هو سنڌ دشمنن جي اکين ۾ ڪنڊو هوجن ڪيس نه سلي سندس گيت سنڌ جي قومي ٻڌي لاءِ هميشه گونجندا رهندا.

بقايا سنڌيار 21

انجنيئر احمد خان ڪاڪيپوٽو شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي جي ٻهراڙي وارن علاقن مان برسات جو بيبل پاڻي ڪيرائڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي جي ٻهراڙي وارن علاقن مان بارشن جو پاڻي ڪيڏي اتي ماڻهن کي آباد ڪرڻ ۽ اڇ وڇ جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ڊپٽي ڪمشنر چيو ته اسڪارپ ڪاٽي جي ٽيوب ويلن کي هر وقت بجلي فراهم ڪري هلايو وڃي ته جيئن پاڻي جي نيڪاسي جو جلد کان جلد بندوبست ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 22

ماضي جا سموراڪارڊ توڙي چڏيا آهن، ڪٽڪ جي اٽي ۾ 140 روپيا واڌ ۽ پين ڪاڌي پيتي جي شين ۾ ڳاٽي توڙ واڌ خلاف پورهيت سومار سومرو، ڪمل ماڇي، عارو ملاح ۽ پين جي اڳواڻي ۾ ڪينرن ٽي ماڻهن پنچاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي غريب پورهيتن مهانگائي خلاف ڊاهون ڪندي چيو ته ڪٽڪ جو اٽو 140 روپيا في ڪلو جي حساب سان وڪرو ٽيڻ لڳو آهي، جڏهن ته بصر، بتاٽا، گوشت، مڇي آٽل، فروٽ، بيضا ۽ سبزين سميت پين شين ۾ رڪارڊ مهانگائي سبب غريب ماڻهن جي چيلهه ڇپي ٽي وئي آهي. هنن چيو ته موجود حڪومت تاريخ جي بدترين مهانگائي ڪري عوام جي وات مان مانيء جو ڳراهه به ڪسي ورتو آهي، عوام سخت پريشان آهي، هاڻي ڊاڻي جي اگ ۾ واڌ سبب ڏکي مانيء نڪا ڪائي سگهون، هنن مطالبو ڪيو ته اٽي جي اڇن سميت پين ڪاڌي پيتي جي شين جا اگ ڇهائي غريبن کي بک وڪهي مرڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

جوڳي ماسٽر فتح علي بابو مستوئي، فتح علي سنديلو سميت آرزو ۽ انجمن پري ۽ پين فن جو مظاهرو ڪندي صوفيانا ۽ نوان ڪلام ڳائي محفل ۾ ويڙل شائقين کي سرد موسم ۾ گرمائي چڏيو آخر ۾ جيئي لطيف سنڌ سنگيت فنڪار ويلفيئر سنڌ جي صدر محمد پناه مهرسينيئر نائب صدر جلال جوڳي جنرل سيڪريٽري ماسٽر فتح علي ضامن علي سمون‌يونس چنوفضل راهوجوآصف علي ميمڻ‌شعبان چاچڙ‌حاجي علي حسن شيخ ۽ پين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو ته برسات پوڙ متاثر فنڪارن جي مالي مدد ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي هرضلعي ۾ گهر ٺاهڻ لاءِ زمين ڏني وڃي ضلعي سطح تي ثقافت کي هٿي وڌائڻ لاءِ ثقافتي پروگرام ڪرايا وڃن‌جيئرتي شو ۾ آيل اڳوڻي ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ تنظير کي هڪ لک روپيا مالي مدد جو‌پڻ اعلان پڻ ڪيو جڏهن ته سياحت ثقافت کاتي سنڌ جو ڊائريڪٽر امتياز علي ميمڻ‌يوسي چيئر مين مير عبدالرحمان مينگل‌يوسي چيئرمين ون حضور بخش ميراڻي‌ڊائس چيئرمين يوسي آباد غلام شبير ڊريهو سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 24

گهاڻهائيندي شهرين ٻڌايو ته روزانو ڪرايو پري اٽو خريد ڪرڻ اچون پيا پر مل وارا اٽو فراهر نه پيا ڪن،مل انتظاميه ٽن سالن جو پراڻو ۽ غير معياري اٽو هلائي پئي رڳو 50 ڪتا روزانو هلائين پيا جڏهن ته سو ملندڙ ڪٽڪ جو پورين فلور ملز انتظام هڙپ ڪري پئي. احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت ۽ڊي سي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي سستو اٽو فراهر ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

سميت گهران ڪڊيو چڏيو. ان چيو ته جڏهن مون پنهنجي مرضي موجب راشد علي مغل سان ملير ڪورٽ پهچي ڪورٽ ميرج ڪري چڏيو ته هيسٽر محمد امين، محمد اڪرم ، علي رضا، علي حمزه، محمد اشرف، منهنجا والدين منظور حسين، خالد اختر ۽ ٻيا مون کي جان کان مارڻ، ڪارو ڪاري ڪرڻ، هار ڦرڻ، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن، ان چيو ته مون کي ۽ منهنجي مڙس راشد علي مغل کي جان جو خطرو آهي، انهن چيو ته اسان سجل ڳوٺ ٽاٽي جي حد ۾ رهون ٿا ان ڪري اس